# جناب لعل محمد ”لعل“

هي سنڌ جو مايناز فرزنده اٽڪل 90 سال پهريان سنڌ جي هڪ عظيم شهر شڪارپور ۾ پيدا ٿيو، جنهن کي ان وقت سنڌ جو پئرس چيو ويندو هيو. قومي شناختي ڪارڊ جي مطابق تاريخ پيدائش 23-01-1923 لکيل آهي. ابتدائي تعليم جا مرحلا طئي ڪرڻ کانپوءِ شڪارپور جي هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ بعد S&C ڪاليج مان انٽر جو امتحان به پاس ڪيائون.

هي صاحب ننڍپڻ کان ئي خداداد شاعرانه صلاحيت جو مالڪ ۽ پيدائشي شاعر هيو، اسڪول جي زماني کان ئي سندس طبيعت ۾ شاعريءَ جو ذوق شوق سمايل هيو. ڪاليج جي زماني کان هن پنهنجو ڪلام تخليق ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو زبان و بيان جي اعتبار کان پختو ۽ تخيل جي اعتبار کان ارفع و اعليٰ سمجهيو ٿي ويو، ورهاڱي کان پهريان سنڌ جو مشهور ماهوار نڪرندڙ رسالو ”سنڌو“ جيڪو غالباً جيڪب آباد مان نڪرندو هيو، ان ۾ شعر ڇپجندا رهيا. جناب لعل محمد صاحب جي شاعرانه صلاحيتن ۽ ادبي ذوق نه صرف ان وقت جي مشهور و معروف شعرا کان خراج تحسين حاصل ڪندا رهيا، پر وڏن وڏن مشاعرن ۾ پنهنجي شاعريءَ تي سامعين کان پڻ داد حاصل ڪندا رهيا، جناب لعل صاحب شاعريءَ جي هر صنف تي طبه آزمائي ڪئي آهي، پر غزل ۽ نظم ۾ قادر ڪمال قدرت رکندا هئا. سائين جن بئراج کاتي ۾ ملازمت حاصل ڪرڻ کانپوءِ ڪراچي ۾ رهڻ لڳا جتي ”آفتاب“ جي نالي سان هڪ ماهوار رسالي جي اشاعت شروع ڪيائون، جنهن جا هو پاڻ ايڊيٽر هئا، هي اندازاً 1950ع جو زمانو آهي، پر پوءِ معاشي رڪاوٽون ۽ مالي اعانت جي عدم دستيابي جي ڪري رسالي جي اشاعت کي بند ڪرڻو پيو، انهيءَ دوران وڪالت جو امتحان پاس ڪري سرڪاري ملازمت تان استعيفيٰ ڏيڻ کانپوءِ جي.ايم.شاهه اينڊ ڪمپنيءَ ۾ وڪيل جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. انتهائي مختصر عرصي ۾ هڪ قابل وڪيل جي حيثيت سان ڪراچيءَ جي سٺن وڪيلن ۾ شمار ٿيڻ لڳا.

سائينءَ جن جي اها وڏي خوشنصيبي هئي جو ان وقت جي وڏن Intellectual فلاسافر ڊاڪٽر علامه آءِ آءِ قاضي جهڙي عظيم شخصيت سان قربت حاصل رهي هئي ۽ علامه صاحب نه صرف سندن قابليت ادبي، شاعرانه، مهارت جي ساراهه بلڪه سندن ادب جي فروغ جي لاءِ ڪوشش تي هميشه حوصله افزائي ڪندا رهيا هئا.

جناب ڊاڪٽر دائود پوٽو به سائينءَ جن جي تمام گهڻي قدر ۽ همت افزائي ڪندا هيا، هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته دانشورن ۽ اسڪالرن جي ڪنهن مجلس ۾ جتي جناب لعل محمد صاحب جن پڻ مدعو هئا، اتي جناب علامه آءِ آءِ قاضي ۽ جناب ڊاڪٽر دائود پوٽو جن پڻ موجود هئا، ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب سائين جن کي قدر جي نگاهن سان ڏسندا هئا ۽ سندن صلاحيتن کان واقف هئا، مجلس جي شروع ٿيڻ کان ڪجهه پهريان دوستاڻي ماحول ۾ سائين لعل محمد صاحب کان دائود پوٽو جن سندن علمي و ادبي سرگرمين ۽ پيشيورانه مصروفيات جي باري ۾ اسفسار ڪيو، معلوم ٿيڻ بعد سائين لعل محمد صاحب جن کي چيائون جيڪڏهن توهان جهڙو سچو ادبي شخص پنهنجو پاڻ کي پيشيورانه مصروفيتن ۾ گم ڪري ڇڏيندو ته سنڌي ادب جو ڪير خيال ڪندو ۽ سنڌي ادب جي فروغ، واڌاري جي لاءِ ڇا ٿيندو، ڊاڪٽر صاحب جن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادبي فروغ، ترقيءَ ۾ ڪافي ڪمي ٿي وئي هئي، يعني Gap اچي ويو هيو، اهوئي سبب هو جو سنڌ جي ان وقت جي عظيم دانشورن، فلاسافرن، اديبن ۽ شاعرن کي هڪ عجيب پريشانيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو، جنهن جي لاءِ هي سڀ عظيم دانشور مجبور ٿي انهيءَ ڪوٺ کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪٺا ٿيا هئا. انهيءَ پس منظر ۾ جناب ڊاڪٽر صاحب جن سائين جن کي قانون جي پريڪٽس ترڪ ڪري سنڌي ادب جي فروغ جي لاءِ مشورو ڏنو.

ڊاڪٽر صاحب جي مخلصانه مشوري ۽ حڪم جي تعميل ۾ سائين لعل محمد صاحب جن قانوني مصروفيات کي خيرآباد چئي هڪ نئين جوش ۽ ولولي سان ماهوار ”آفتاب“ جي اشاعت جو از سرِ نو آغاز ڪيو. ”آفتاب“ سنڌي ادب جي معروف و مشهور شاعرن ۽ اديبن جي ادبي تخليقات سان نئين آب و تاب سان شايع ٿيو. پر بدقسمتيءَ سان معاشي بوجهه هڪ دفعو وري سامهون وڌندي وڌندي ايترو وڌي ويو جو برداشت جي حد کان ٻاهر نڪري ويو، جنهن جي ڪري ”آفتاب“ جي اشاعت پنهنجي نئين زندگيءَ جي چند مهينن بعد هميشه جي لاءِ بند ڪرڻي پئي. هاڻي جناب سائين جن کي پنهنجي گذر اوقات جي لاءِ خالصتاً اهليت و استحقاق جي بنياد تي سنڌ مدرسة الاسلام جهڙي مادرِ علمي ۾ تدريس جو سلسلو اختيار ڪيو، جنهن عالمي شهرت جي حامل انتهائي قابليت ۽ اهليت رکندڙ سياستدان، دانشور ۽ اهلِ علم پيدا ڪيا.

پنهنجي ملازمت جي پهرين ئي سال جي دوران لعل محمد صاحب اعزازي نمبرن سان B.T جو امتحان پاس ڪري ورتو. ان جي باوجود وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ان جي اندر موجود سنڌي ادب جي خدمت ڪرڻ جو جذبو گهٽ ٿي نه سگهيو، شاعرن، اديبن ۽ اهل علم جون محفلون منعقد ٿينديون رهيون، جنهن جو مرڪز عبدالله هارون ڪاليج جي قريب رهندڙ جناب عبدالله ”عبد، سرشار عقيلي، جناب ج.م گرامي صاحب، جناب نياز همايوني صاحب، جناب ساز صاحب ۽ جناب عبدالحليم جوش صاحب ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌ جا مشهور دانشور، شعرا ۽ اديب شريڪ ٿيندا رهيا ۽ پوري جوش ۽ ولولي سان ادب جي فروغ جي لاءِ پنهنجو حصو وٺندا ۽ حق ادا ڪندا رهيا.

جيستائين خود لعل صاحب جو تعلق آهي ته انهن به پنهنجي ملازمت دوران سنڌ مدرسة الاسلام جي رسالي ”ڪرانيڪل“ جي اشاعت جو آغاز ڪيو، جنهن جو هو خود چيف ايڊيٽر ته هيو ئي پر ”اردو“ ۽ انگريزي ۽ سنڌي شعبن جو ايڊيٽر به پاڻ هئا. ان رسالي ڪرانيڪل جي اشاعت

مدرسي جي تاريخ ۾ بيمثال ادبي خدمت جو درجو رکي ٿي. پنهنجي والد صاحب جي خراب صحت جي ڪري لعل صاحب کي ڪراچي هميشه جي لاءِ ڇڏڻي پئي ۽ شڪارپور ۾ ئي سڪونت اختيار ڪئي جيئن پنهنجي آبائي شهر جي خدمت ڪري سگهي. هي صدر ايوب خان جي مارشل لا جي شروعاتي دور جو زمانو هيو، شڪارپور ۾ هڪ دفعو ٻيهر وڪالت شروع ڪئي ۽ جلد ئي شڪارپور ۾ نامياري وڪيلن ۾ شمار ٿيڻ لڳا. لعل محمد شڪارپور جي هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو تاحيات صدر رهيو سندس دور ۾ شڪارپور هسٽاريڪل سوسائٽي وڏا وڏا سيمينار ۽ محفلون منعقد ٿينديون رهيون جن ۾ دانشورن، اديبن ۽ علمي شخصيتن پنهنجا قيمتي مقالا پيش ڪيا جي اڄ به هسٽاريڪل سوسائٽي جي رڪارڊ تي موجود آهن.

صدر ضياءُ الحق جي دور ۾ لعل محمد صاحب شڪارپور شهر جي ترقيءَ جي لاءِ چند تجويزون جي نالي سان انگريزيءَ ۾ هڪ مختصر رسالو مرتب ڪري شايع ڪرايو. انهيءَ مختصر رسالي تغافل جو شڪار، شڪارپور تاريخي شهر جي تعمير ۽ ترقيءَ جا ڇڻ دروازا کولي ڇڏيا.

شڪارپور ۾ ڪرڪيٽ اسٽيڊيم جي تعمير ٻارن جي کيڏڻ لاءِ شاهي باغ ۾ ترقي، بارش جي پاڻيءَ جي نڪاسي لاءِ وڏي پيماني تي شهر جي چوڌاري سائنٽيفڪ طريقي سان کم ڪرائڻ شهر جي چوڌاري پڪا رستا ٺهرائڻ ۽ ٻيا ڪيترائي ترقياتي ۽ فلاحي کم ٿيا جي سندن خدمتن جو ثبوت آهن.

جناب لعل محمد صاحب جي ڪافي عرصي کان اها دلي خواهش هئي ته شڪارپور ۾ هڪ لا ڪاليج قائم هئڻ گهرجي جنهن جي لاءِ هنن ڏينهن رات ڪوشش ڪئي الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان نه ختم ٿيڻ واري ڪوشش 1990ع ۾ حاجي مولا بخش سومرو گورنمينٽ لا ڪاليج جي قيام جي صورت ۾ بارآور ٿي ۽ جناب لعل محمد صاحب ان جو باني پرنسپال مقرر ٿيو.

جنوري 1993ع ۾ سندن شعري مجموعو ”گونج“ شايع ٿيو، البته سندن تخليقات جو گهڻو حصو اشاعت جي لاءِ منتظر آهي، 1993ع جي آخر ۾ لعل محمد صاحب کي لياقت اسپتال ۾ داخل ڪرڻو پيو جتي سندن پراسٽٽ گلينڊز جو آپريشن ٿيو. 1996ع ۾ وري ساڳي تڪليف ٻيهر ٿي جنهن لاءِ آغا خان اسپتال ۾ داخل ڪيو جتي ڪافي عرصو رهڻو پيو پر بحالي صحت جو ڪوئي آثار نظر نه آيو، اهڙيءَ طرح هي سنڌ جو عظيم شاعر، قانوندان، هڪ خدا ترس، نرم دل شخصيت 5 مئي 1997ع ۾ پنهنجي خالقِ حقيقيءَ سان مليو. اناالله و انا اليه راجعون...

ادارو

اعجاز پبليڪيشن

فون: 34570790